SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XL مجريه 2001
# SINDH ORDINANCE NO.XL OF 2001
# سنڌ لازمي پرائمري تعليم آرڊيننس، 2001
# THE SINDH COMPULSORY PRIMARY ORDINANCE, 2001

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. لازمي پرائمري تعليم
Compulsory primary education

4. اسڪول اٽينڊنس اٿارٽي
School attendance authority

5. ڏوهه
Offences

6. قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

7. منسوخي
Repeal

# سنڌ آرڊيننس نمبر XL مجريہ 2001

# SINDH ORDINANCE NO.XL OF 2001

# سنڌ لازمي پرائمري تعليم آرڊيننس، 2001

# THE SINDH COMPULSORY PRIMARY ORDINANCE, 2001

[26 ڊسمبر 2001]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لازمي تعليم فراهم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لازمي تعليم فراهم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

## باب _I

## شروعاتي

**مختصر عنوان ۽ شروعات**
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ لازمي پرائمري تعليم آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2) هي دفعه ۽ دفعه 2 فوري طور لاڳو ٿيندا ۽ آرڊيننس جون ٻيون اهڙيون گنجائشون اهڙن علائقن ۾ لاڳو ٿينديون ۽ يا اهڙين تاريخن تي جيئن حڪومت ان سلسلي ۾ سرڪاري گزيٽ ۾ بيان ڪري.

بشرطيڪ هي آرڊيننس سمورن ضلعن ۾ جون، 2004 کان لاڳو ڪيو ويندو.

**وصفون**
Definitions

2. هن آرڊيننس ۾، جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) "اٿارٽي" مطلب دفعه 5 تحت مقرر ڪيل اٿارٽي؛

(b) "ٻار" مطلب ٻار جنهن جي عمر اسڪول جي شروعاتي سال وقت پنج سال هجي ۽ پنج سالن کان گهٽ نه هجي ۽ يارنهن سالن کان وڌيڪ نه هجي؛

(c) "سنڀاليندڙ" مطلب هڪ سنڀاليندڙ يا ڪو ٻيو شخص جنهن کي ٻار جي سار سنڀال هجي؛

(d) "والدين" جنهن ۾ شامل آهي سنڀاليندڙ يا ڪو ٻيو شخص جنهن جي سار سنڀال ۾ ٻار هجي؛

(e) "پرائمري تعليم" مطلب جيڪا سيني لاءِ هجي يا اسڪول ۾ I کان V تائين ڪنهن به درجي لاءِ هجي؛

(f) "بيان ڪيل" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدن ۾ بيان ڪيل؛

(g) "پرائمري اسڪول" مطلب هڪ پرائمري اسڪول جيڪو حڪومت جي هٿ هيٺ هلي رهيو هجي ۽ جنهن ۾ شامل آهي هڪ اسڪول يا اسڪول جو ڪو شعبو جنهن

کي حڪومت طرفان پرائمري تعليم ڏيڻ لاءِ منظور ڪيو هجي.

## باب _II

## لازمي پرائمري تعليم

لازمي پرائمري تعليم Compulsory primary education

3.هن آرڊيننس جي ٻين گنجائشن موجب، صوبي ۾ پرائمري تعليم هر ٻار لاءِ لازمي هوندي.

4. ٻار جا والدين، سواءِ موزون جواز جي، ٻارڪي روزانو بنياد تي پرائمري اسڪول اماڻيندا، جيستائين ٻار بنيادي تعليم مڪمل ڪري.

وضاحت: هن دفعہ جي مقصد لاءِ، موزون جواز ۾ هيٺيان سبب شامل آهن:

(a) جتي ڪو ٻار بيماري سبب يا ذهني مرض يا ڪنهن ٻئي ڪاري نہ سگهجندڙ سبب جي ڪري اسڪول نہ وڃي؛

(b) جتي ڪو ٻار پرائمري اسڪول کان سواءِ ڪٿي ٻئي هنڌ تربيت وٺي رهيو هجي، جيڪا لاڳاپيل تعليمي عملدار جي نظر ۾ ڪافي هجي؛

(c) جتي ٻار جي رهائش کان هڪ ڪلو ميٽر جي مفاصلي تائين ڪو پرائمري اسڪول واقع نہ هجي.

اسڪول اٽينڊنس اٿارٽي School attendance

5. (1) حڪومت هن آرڊيننس جي مقصد لاءِ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ اختياريون مقرر ڪندي.

(2) اٿارٽي پڪ ڪرائيندي تہ هن آرڊيننس تحت پرائمري

authority

اسڪول وڃڻ لاءِ گهرايل هر ٻار اسڪول وڃي ٿو ۽ ان مقصد لاءِ اها اهڙا قدم کڻندي جيڪي اها ضروري سمجهي يا جيڪي وقت بوقت حڪومت طرفان بيان ڪيا وڃن.

(3) جتي اٿارٽي مطمئن آهي تہ والدين جن کي ٻارن کي هن آرڊيننس تحت پرائمري اسڪول موڪلڻ جو چيو ويو آهي، اهي ناڪام ٿين ٿا تہ اٿارٽي والدين کي ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ کانپوءِ اهڙي جاچ ڪندي جيڪا اها ضروري سمجهي، والدين کي اهڙي ٻار کي پرائمري اسڪول اماڻڻ جو حڪم ڏئي سگهي ٿي ۽ اهڙي تاريخ کان جيڪا حڪم ۾ بيان ڪئي وئي هجي.

(4) اٿارٽي اهڙو اختيار استعمال ڪندي ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

ڏوھ
Offences

6. (1) ڪي والدين جيڪي دفعہ 5 جي ذيلي دفعہ (3) تحت جاري ڪيل حڪم تي عملدرآمد ڪرڻ ۾ ناڪام ٿين ٿا اهي ڏنڊ جا مستحق هوندا جيڪو پنجاهہ رپين تائين وڌي سگهي ٿو ۽ وڌيڪ ڏنڊ جيڪو پنجويهہ رپيا روزانو جي حساب سان جيستائين ناڪامي جاري رهي ٿي.

(2) ڪي والدين، اٿارٽي طرفان تنبيهہ کانپوءِ بہ ٻار کان معاوضي تي يا ٻي صورت ۾ نوڪري ڪرائين ٿا، جيڪو هن آرڊيننس تحت پرائمري اسڪول ۾ هجڻ گهرجي، تہ اهي ڏنڊ جا مستحق هوندا جيڪو پنجاهہ رپين تائين وڌي سگهي ٿو وڌيڪ ڏنڊ سان جيڪو پنجويهہ رپيا هر روز جيستائين اسڪول وڃڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو ۽ اهڙي نوڪري جاري رهي ٿي.

(3) اٿارٽي طرفان لکت ۾ شڪايت ڪرڻ کانسواءِ هن قدم

| | |
|---|---|
| خلاف ڪنهن بہ عدالت کي دائره اختيار نہ هوندو. | |
| 7. حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | قاعدا جوڙڻ جو اختيار<br>Power to make rules |
| 8. سنڌ پرائمري تعليم آرڊيننس، 1962 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | منسوخي<br>Repeal |
| **نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي** | |